هفتيوار رسالو:345

WEEKLY BOOKLET:345

امير اهل سُنت جي ڪتاب "فيضانِ رمضان" جي هڪ قسط بنام

# اجتماعي اعتڪاف جون 12 مدني بهارون

SINDHI




اعتڪاف جو فيض انگلينڊ پهتو 03

اعتڪاف جي برڪت سان اکيون ختم ٿي ويون 06

اعتڪاف تهجد گذار بڻائي ڇڏيو؟ 11

عاشقيدين مبلغ بڻجي ويو 14



شيخِ طريقت اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي، حضرتِ علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطّار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنۡ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَيۡنَا حِكۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَيۡنَا رَحۡمَتَكَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت



**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: اجتماعي اعتڪاف جون 12 مدني بهارون
ڇاپو پهريون: رمضان المبارڪ 1445 هـ اَپريل 2024ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جي مايہ ناز تصنيف”فيضان رمضان“مان ورتل مواد بنام

# اجتماعي اعتڪاف جون 12 مدني بهارون

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميہ** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

اجتماعي اعتڪاف جون12 مدني بهارون ........ 1
دعاءِ عطار ........ 1
درود شريف جي فضيلت ........ 1
دعوت اسلامي ۾ ماهِ رمضان جو اعتڪاف ........ 1
(1) اعتڪاف جي برڪت سان شهر جي لاءِ ........ 3
مرڪز ملي ويو ........ 3
(2) اعتڪاف جو فيض انگلينڊ پهتو ........ 4
(3) آءُ ڇڏي فيضانِ مدينہ نٿو وڃان ........ 5
(4) اعتڪاف جي برڪت سان گوڏن جو سور ختم ٿي ويو ........ 6
(5) ڏاڙهي سجائجي وئي، ”مٿي تي سائو عمامو“ اچي ويو ........ 7
(6) اٽيڪٽ ختم ٿي وئي ........ 8
زندگي جي آخري سال جي مُتعلق هڪ عبرتناڪ روايت ........ 9
(7) مون کي گهروارا گهر مان ڪڍي ڇڏيندا هئا ........ 11
(8) مسجد جو خطيب بڻائي ڇڏيو ........ 12
(9) عمر غفلتن ۾ گذري رهي هئي ........ 14
(10) اَلْحَمْدُلِلّٰه مان تهجد گذار بڻجي ويس ........ 15
(11) آقا! پنهنجو ديدار ڪرايو ........ 16
(12) ڪاميدين مبلغ بڻجي ويو ........ 17

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ،وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ،
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# اجتماعي اعتڪاف جون12 مدني بهارون

## دعاءِ عطار

ياالله پاڪ! جيڪو ﮬ مڪمل رسالو "اجتماعي اعتڪاف جون 12 مدني بهارون" پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي رمضان شريف جون برڪتون نصيب فرماءِ ۽ ان کي والدين سميت بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم :قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي عرش کان سِواءِ ڪو سايو نہ هوندو، ٽي شخص الله پاڪ جي عرش جي سايي ۾ هوندا : (1)اهو شخص جيڪو منهنجي اُمَّتي جي پريشاني پري ڪري: (2) منهنجي سُنّت کي زِندہ ڪرڻ وارو :(3)مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ وارو.

(البدور السّافرة ،ص131،حديث:366 )

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوت اسلامي ۾ ماهِ رمضان جو اعتڪاف

اعتڪاف نهايت ئي پراڻي عبادت آهي، قرآنِ ڪريم ۾ بہ ان جو ذڪر موجود آهي، پوئين اُمتن ۾ بہ ماڻهو اعتڪاف ڪندا رهيا آهن.

عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ ”دعوتِ اسلامي“ سنتن ڀري تحريڪ آهي. سڄي دنيا ۾ دين متين جي خدمت عام ڪرڻ واري هي منفرد تحريڪ گذريل ڪجھ سالن کان ماھ رمضان المبارڪ جي نہ صرف آخري عشري بلڪ سڄي رمضانُ المبارڪ جو اعتڪاف ڪرائي رهي آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هاڻي تائين لکين عاشقانِ رسول دعوت اسلامي جي ”اجتماعي اعتڪاف“ کان فيضياب ٿي چڪا آهن جن جي سبب سيڪڙو نہ بلڪ هزارن جي زندگين ۾ مدني انقلاب اچي ويو. شراب جي نشي مان نڪري ڪري عشق رسول سان سرشار ٿي ويو، گناهن جو عادي سنئين تي هلڻ وارو بڻجي ويو. راند روند ۾ وقت برباد ڪرڻ وارو ذڪر ۽ درود ڪرڻ وارو بڻجي ويو، گانا ڳائڻ وارو نعت رسول پڙهڻ ۾ لڳي ويو، مطلب تہ هن اجتماعي اعتڪاف ماڻهن جون زندگيون بدلي ڇڏيون. ايئن ئي ڪجھ خوش نصيب عاشقانِ رسول جي 12 مدني بهارن تي مشتمل هي رسالو پڙهو، جن تي سُنّتن جي مُبلغن جي صُحبت ۾ رهڻ جي سبب اهڙو مدني رنگ چڙهيو جو نہ صرف پاڻ سنئين راھ هلڻ وارا بڻجي ويا بلڪ ٻين کي بہ نيڪي جي دعوت ڏيڻ لڳا مدني مشورو آهي تہ زندگي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو دعوت اسلامي جي ديني ماحول ۾ سڄي ماھِ رمضان المُبارڪ جي”اجتماعي اعتڪاف“ جي نيت ڪيو.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں اے دعوت اسلام تیری دھوم مچی ہو

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# (1) اعتڪاف جي برڪت سان شهر جي لاءِ مرڪز ملي ويو

”**چترادُرگ** (صوبہ ڪرناٽڪ، الهند) جي ”مسجدِ اعظم“ جا مُتولّي ۽ ڪجھ مقامي مسلمان عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي باري ۾ ڪجھ غلط فهمين جو شڪار هئا. تمام مشڪل سان اتي رمضان المبارڪ ۾ **اجتماعي اعتڪاف** جي اجازت ملي. ٻن متولين جا صاحبزادا بہ ڳڏوڳڏ اعتڪاف ۾ ويهي رهيا. مدني مرڪز جي عطا ڪيل جدوَل مطابق سنّتن ڀريا حلقا، سنّتن ڀريا بيانات، نعتن جي ڌوم ڌام، رقت انگيز دعائون ۽ بيشمار معتڪفين جو بهترين انتظام ڏسي ڪري مُتولي صاحبان حيران ٿي ويا ۽ ايتريقدر متاثر ٿيا جو آخري ڏينهن تمام معتڪفين کي تحفن ۽ گل پارائڻ سان نوازيائون. **دعوتِ اسلاميءَ** انهن سيني جي سمجھ ۾ اچي وئي ۽ انهن پنهنجي زيرِ انتظام عظيم الشّان ”مسجدِ اعظم“ ۾ **دعوتِ اسلامي** کي ديني ڪمن جي مڪمل طور تي اجازت ڏيئي ڇڏي ۽ اَلحَمدُ لِلّٰه! ”**مسجدِ اعظم**“ ان شهر جو ”مدني مرڪز“ بڻجي ويئي. اَلحَمدُ لِلّٰه! ٻنهي متولين جي صاحبزادن پنهنجي چهرن کي ڏاڙهي مبارڪ سان سينگاري ڇڏيو ۽ **دعوتِ اسلامي** جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويا.

ذِکر کرنا خدا کا یہاں صبح وشام، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
پاؤ گے نعتِ محبوب کی دھوم دھام، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

(وسائل بخشش ص642،643)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (2) اعتڪاف جو فيض انگلينڊ پهتو

**سکر شهر** (سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي، رمضان المبارڪ (سن 1410هه، 1990ع) ۾ منهنجي پيٽوئي جو **انگلينڊ** کان سکر (سنڌ) اچڻ ٿيو. اسلامي ڀائرن جي توجهه ڏيارڻ تي مون اُن تي **انفرادي ڪوشش** ڪندي ڪين **عاشقانِ رسول** سان گڏ **اجتماعي اعتڪاف** جون برڪتون لٽڻ جي دعوت ڏني. انهن هتوهٽ هامي ڀري ۽ اَلحَمدُلِلّٰه! معتڪف ٿي ويا. هڪ خالص انگريزي ماحول ۾ رهڻ وارا جڏهن اعتڪاف ۾ ويٺا ۽ انهن آقا صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون پياريون پياريون سنّتون ۽ ضروري احڪام سکيا، **قبر ۽ آخرت** جا حالات ٻُڌا تہ مسلمان هئڻ جي ناتي سندن دل تي اثر ٿيو. اَلحَمدُلِلّٰه! **اجتماعي اعتڪاف** جي برڪت سان ڪين گناهن کان توبهہ جو تحفو مليو ۽ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي **ديني ماحول** ۾ اچي ويا. چهري تي ڏاڙهي مبارڪ سجايائون، عمامي شريف سان مٿو سجائون. **فيضانِ سنت** جو درس ۽ بيان سکي ڪري اعتڪاف جي دؤران ئي **سنتن ڀريو بيان** ڪرڻ لڳا! **انگلينڊ** ۾ وڃي ڪري عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني ڪمن جون ڌومون مچائڻ جي نيّت پڻ ڪيائون. اَلحَمدُلِلّٰه! هُو **انگلينڊ** ۾ مبلغ **دعوتِ اسلامي** ۽ **ٻارهن ديني ڪمن** جا ذميدار آهن، سندن ٻارن جي اَمي (يعني منهنجي ڀيڻ) بہ **ديني ماحول** سان وابستہ ٿي ڪري **انگلينڊ** جهڙي حيا سوز ماحول ۾ رهندي بہ **مدني برقعو** پائيندڙيون آهن، پاڻ صحيح **قرآنِ پاڪ** سکي ڪري هاڻي مدرسة

**المدينه** بالغات ۾ اسلامي ڀينرن کي پڙهائيندڙيون آهن ۽ اسلامي ڀينرن جي مدني ڪمن جون **تنظيمي ذميدار** آهن.

ڪرڪے ہمّت مسلمانو آجاؤتم، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
اُخروی دولت آؤکماجاؤتم، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

(وسائل بخشش ص643)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (3) آءُ چڱي فيضانِ مدينہ نٿو وڃان

**تحصيل ڪماليه ضلع دارالسّلام** (پنجاب) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي تحرير جو خلاصو آهي انهن ڏينهن ۾ آءُ نائين جماعت ۾ پڙهندو هئس. ڪلاس ۾ اسان جو هڪ فرينڊ سرڪل هو، اسان سڀئي اسڪول کان پڇي ويندا هئاسين، خوب لوفرائپ ڪندا هئاسين، سڄي رات ڪرڪيٽ کيڏندا هئاسين، انٽرنيٽ ڪلب ۾ نيٽ ٽاڪ وقت برباد ڪندا هئاسين، سڄو سڄو ڏينهن ملي ڪري ڪيبل تي فلمون ڏسندا هئاسين. گانا ٻڌڻ جو ته ايترو قدر چَسڪو هو جو رات گانا ٻُڌندي ٻُڌندي سمهڻ ۽ صبح جو جاڳندي ئي سڀ کان پهريون ڪم مَعاذَاللّٰہ اهو ئي منحوس گانن کي ٻُڌڻ، فينسي لباس پائي ڪري اسان ملي جُلي ڪري مَعاذَاللّٰہ ٺَم مَعاذَاللّٰہ ڇوڪرئن کي ڇيڙيندا هئاسين ۽ خوب بدنگاهيون ڪندا هئاسين، مون ماءُ جي ڳالهه ته ڪڏهن مڃي ئي نه هئي، سمجهائيندي هئي ته ويتر ويچاريءَ کي ستائيندو هئس. والد صاحب نماز جو حڪم ڏيندا هئا ته ان کي به دوکو ڏيئي ايندو هئس. افسوس! اصلاح جي پري پري تائين ڪا صورت نظر ڪانہ پيئي آئي. الله پاڪ منهنجي وڏي ڀاءُ جو ڀلو ڪري انهن منهنجي مدد ڪئي ۽ مون کي

**رمضان المبارڪ** جي آخري ڏهاڪي ۾ **اعتڪاف** ۾ ويهڻ جي لاءِ چيو. يقين ڪريو مون جهڙي آواره ۽ ناڪاره کي صحيح معنىٰ ۾ اها به خبر نه هئي ته **اعتڪاف** ڇا ٿيندو آهي! مون صاف انڪار ڪري ڇڏيو، پر انهن ڪنهن طرح سان به ريجهائي ڪري عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** (فيصل آباد) ۾ ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** ۾ ويهاريو. ڇئن يا پنجن ڏينهن تائين بلڪل به دل نه لڳي ۽ آءُ ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس پر ڪامياب نه ٿي سگهيس، ان ڪانپوءِ لُطف اچڻ لڳو ۽ پوءِ ته اهو روحاني سُڪون مليو جو عيد رات جو مان چئي رهيو هئس ته مونکي گهر ناهي وڃڻو، مان اجوڪي رات به هتي ئي **فيضانِ مدينه** ۾ گذارڻ چاهيان ٿو.

تم گھر کو نہ کھینچو نہیں جاتا نہیں جاتا
میں چھوڑ کے فیضانِ مدینہ نہیں جاتا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (4) اعتڪاف جي برڪت سان ڳوڏن جو سور ختم ٿي ويو

**جامعة المدينه** (ڪراچي) جي هڪ طالب علم جو ڪجهه هن طرح بيان آهي، **رمضان المبارڪ** (سن1426هه، 2005ع) جي آخري ڏهاڪي ۾ مون کي عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** (ڪراچي) ۾ اعتڪاف جي سعادت حاصل ٿي. اتي منهنجي ملاقات هڪ بابا سان ٿي، انهن ٻُڌايو ته ڪيترن ئي سالن کان منهنجي ڳوڏن ۾ سُور هو، جڏهن آءُ عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه**

(ڪراچي) ۾ اعتڪاف جي لاءِ آيس. اَلْحَمْدُلِلّٰه! ان جي برڪت سان مون تي ڪرم ٿيو جو منهنجي گوڏن جو سور ختم ٿي ويو.

درد ٹانگوں میں ہو، دَرد گُھٹنوں میں ہو، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
پیٹ میں درد ہو یا کہ ٹُخنوں میں ہو، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

(وسائلِ بخشش، ص 643)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (5) ڏاڙهي سجائجي وئي، ”مٿي تي سائو عمامو“ اچي ويو

نوساري (صوبہ گجرات، هند) جو هڪ ماڊرن اسلامي ڀاءُ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي طرفان **رمضان المبارڪ** (سن 1423هه، 2002ء) جي آخري ڏهاڪي ۾ ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** (سُورت، گجرات) ۾ معتڪف ٿيو. مدني مرڪز جي ڏنل **تربيتي جدول** جي مطابق لڳندڙ سنّتن ڀريئي حلقن، رقت انگيز دعائن ۽ ذڪر و نعت جي پُرسوز صدائن سندن دل موهي وِڌي، ڪيس **عاشقانِ رسول** جي صحبت مان اهو فيض مليو جو ڳالهه نہ پُڇو. ڏاڙهي مبارڪ سجائجي وئي، مٿي عمامو شريف اچي ويو ۽ ترقي جون منزلون پار ڪندا پنهنجي **شهر جي مشاورت** جي نگران جي حيثيت سان ديني ڪمن جون ڌومون مچائي رهيا آهن.

سنّتوں کی تم آکر کے سوغات لو، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
آؤ بٹتی ہے رَحمت کی خیرات لو، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

(وسائلِ بخشش، ص 643)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (6) اٽبٽ ختم ٿي وئي

**حيدرآباد** (سنڌ، پاڪستان) جو هڪ اسلامي ڀاءُ **عبد الرزاق عطاري** جيڪو ٽنڊو ڄام ايگريڪلچرل يونيورسٽي جو ليب انچارج هو، سندن ٻہ ٻار **دعوتِ اسلامي** جي ديني ماحول سان وابستہ هئا پر هو پاڻ نمازن ۽ سنّتن کان پري هو ۽ ذهن مڪمل طور تي دنيا دارن وارو هُين. رمضان المبارڪ ۾ **انفرادي ڪوشش** ڪندي ڪيس **اجتماعي اعتڪاف** ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي ويئي تہ چوڻ لڳو منهنجي ٻارن جي ماءُ ناراض ٿي ڪري پيڪين وڃي ويٺي آهي جيڪڏهن مان اعتڪاف ڪيان تہ ڇا هوءَ اچي ويندي؟ ڪيس ٻُڌايو ويو تہ، اِنْ شَآءَالله اچي ويندي، پوءِ هو رمضان المبارڪ (غالبًا سن 1416هه ، 1995ء) جي آخري ڏهاڪي ۾ **فيضانِ مدينه** (حيدرآباد) ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ معتڪف ٿي ويو. سکڻ سيکارڻ جي حلقن، سنّتن ڀريئي بيانن، رقت انگيز دعائن ۽ پُرسوز نعتن سندس دل ۾ **مدني انقلاب** برپا ڪري ڇڏيو!ان گناهن کان توبهہ ڪئي . نمازن جي پابنديءَ جو وعدو ڪيائون. **ڏاڙهي مبارڪ** ۽ **عمامي شريف** سان سينگارجي ويا ۽ نعتون بہ پڙهڻ لڳا. اعتڪاف جي دؤران ئي رُسي ويل ٻارن جي **ماءُ** بہ واپس اچي ويئي ۽ گهرو جهيڙا بہ ختم ٿي ويا. **اعتڪاف** جي برڪت سان هو **دعوتِ اسلامي** جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويو. ڏاڙهي، زلفن، **عمامي شريف** ۽ مدني لباس ۾ نظر اچڻ لڳو. **مدني قافلن** ۾سفر بہ ڪيائون ۽ **ديني ماحول** ۾ رهندي انهيءَ

سال يعني خميس جي ڏينهن 27 ربيع النور شريف غالبًا سن 1416ھ ، 1995ع تي سندس انتقال تي ويو. اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيۡهِ رٰجِعُوۡنَ۔

گورِ تیرہ کو تم جگمگانے چلو،　　مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
راحتیں روزِ محشر کی پانے چلو،　　مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

(وسائلِ بخشش، ص 643)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## زندگي جي آخري سال جي مُتعلق هڪ عبرتناڪ روايت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هي مدني بهار واقعي پنهنجي اندر عبرت جا بيشمار مدني گل رکي ٿي. مرحوم **عبدالرزاق عطاري** رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه خوشنصيب هئا جو کين وفات کان ٿورو ئي عرصو اڳ ديني ماحول ميّسر اچي ويو ۽ يقينًا اهو شخص مقدر وارو آهي جيڪو مرڻ کان پهريان توبهه ڪري سڌي راهه تي اچي وڃي ۽ سنّتن جي شاهراهه تي هلڻ لڳي ۽ تمام وڏو **بدنصيب** آهي اهو شخص جيڪو چڱو ڀلو نيڪيون ڪرڻ وارو ۽ سنّتن جي رستي تي هلڻ وارو ٿي ڪري مرڻ کان ٿورو ئي عرصو اڳ مَعَاذَاللّٰه ماڊرن ٿي وڃي ۽ گناهن ۾ پئجي ڪري **ديني ماحول** کان پري ٿي وڃي. جڏهن ته توهان کي شيطان ڪنهن ذميدار فرد کان ناراض ڪرائي يا ائين ئي سُستي ڏياري ڪري يا دنياوي ڪاروبار ۾ خوب ڦاسائي ڪري يا شادي وغيره جو جوش ڏياري ڪري ديني ماحول کان پري ٿيڻ جو مشورو ڏئي ته هن حديثِ پاڪ تي (**جيڪا** اِنۡ شَآءَاللّٰه هاڻي بيان ڪئي ويندي) غور ڪندا ڪريو جو ته مشاهدو اهو ئي آهي ته هڪ ڀيرو ديني ماحول ۾ مڪمل طور

تي اچي وڃڻ کان پوءِ پري ٿيڻ سان مَعَاذَاللّٰه نيڪ عملن تي قائم رهڻ تمام مشڪل ٿي ويندو آهي. مسلمانن جي پياري پياري امڙ سائڻ اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ **عائشه صديقه** رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا کان روايت آهي تہ جڏهن الله پاڪ ڪنهن ٻانهي سان ڀلائيءَ جو ارادو فرمائيندو آهي تہ ان جي مرڻ کان هڪ سال اڳ هڪ فرشتو مقرر فرمائي ڇڏيندو آهي جيڪو ڪيس سڌي راهہ تي لڳائيندو رهندو آهي ايتري تائين جو اهو خير(يعني ڀلائي) تي مري ويندو آهي ۽ ماڻهو چوندا آهن، **”فلاڻو شخص سٺي حالت تي مئو آهي“**، جڏهن اهڙو (خوشنصيب ۽ نيڪ) شخص مرڻ لڳندو آهي تہ ان جو ساهہ نڪرڻ ۾ جلدو ڪندو آهي، اهو ان وقت الله پاڪ سان ملاقات کي پسند ڪندو آهي ۽ الله پاڪ ان جي ملاقات کي، جڏهن الله پاڪ ڪنهن سان بُرائيءَ جو ارادو فرمائيندو آهي تہ مرڻ کان هڪ سال اڳ ان تي هڪ شيطان مسلط ڪري ڇڏيندو آهي جيڪو ڪيس ورغلائيندا رهندو آهي، ايتري تائين جو هُو پنهنجي بدترين وقت ۾ مري ويندو آهي. ان وٽ جڏهن موت ايندو آهي تہ ان جي جان اٽڪڻ لڳندي آهي (۽ اهو شخص) الله پاڪ سان ملڻ کي پسند ناهي ڪندو ۽ الله پاڪ ان سان ملڻ کي.

(موسوعہ لابن ابی الدنیا، 443/5، حدیث: 157 ملخصاً)

گنہ کرتے ہوئے گر مر گیا تو کیا کروں گا میں
بنے گا ہائے! میرا کیا کرم فرما کرم مولیٰ

(وسائلِ بخشش، ص 97)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (7) مون کي گهروارا گهر مان ڪڍي ڇڏيندا هئا

**مظفر ڳڙهہ** (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه هن طرح چوڻ آهي، مان تمام گهڻو بگڙيل ڇوڪرو هئس، رات جو جڏهن گانن جون ٽي چار ڪيسيٽون نہ ٻُڌندو هئس ننڊ نہ ايندي هئي، سڄي سڄي رات لوفرائپ ۾ گناهن ۾ گذري ويندي هئي، ڳالهہ ڳالهہ تي گهر ۾ وڙهندو هئس، **گهروارا بيزار ٿي ڪري گهر مان ڪڍي ڇڏيندا هئا.** هڪ ٻہ ڏينهن هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪندو وتندو هئس ان ڪانپوءِ ترڪيب ٺهجي ويندي هئي. مطلب تہ زندگيءَ جا ڏينهن انتهائي غلط رستي ۾ برباد ٿي رهيا هئا، منهنجوسؤٽ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ **دعوتِ اسلاميءَ** جي علاقائي مُشاورت جو نگران هو، ان مون تي انفرادي ڪوشش ڪئي ۽ **رمضان المبارڪ** (سن1425هہ،2004ء) جي آخري ڏهاڪي ۾ بس اسٽاپ واري مسجد (مظفرڳڙهہ) ۾ مون کي **دعوتِ اسلامي** جي **اجتماعي اعتڪاف** ۾ اچي ويهاريو. ڪراچي کان آيل هڪ مبلغ جي حُسنِ اخلاق کان متاثر ٿي ڪري مون گذريل گناهن کان توبهہ ڪئي ۽ انهن جي ئي هٿان عمامي شريف جو تاج پنهنجو مٿي تي سجائي ورتو. 27 ستاويهين رات سنّتن ڀرئي بيان ڪانپوءِ ٿيڻ واري رقت انگيز دعا دل تي تمام گهڻو اثر ڪيو، مان روئڻ شروع ٿي ويس ۽ صبح تائين روئندو رهيس. عيد جي ٻئي ڏينهن فجر جي وقت اجان اک نہ کُلي هئي جو هڪ بزرگ خواب ۾ نظر آيو ۽ انهن منهنجو

نالو وني سڏ ڪيو، ”فجر جو وقت ٿي ويو آهي ۽ توهان اجان تائين سُتا پيا آهيو!“ مون هڪدم ننڊ ۾ ئي ٻئي هٿ قيام وانگر ٻڌي ڇڏيا ۽ اک کُلي ويئي تہ هٿ انهيءَ طرح ٻڌل هئا. ان سان دل تي گهڻو اثر پيو ۽ مون مسجد ۾ وڃي ڪري باجماعت فجر جي نماز ادا ڪئي. پنهنجي شهر جي هفتيوار اجتماع ۾ پابنديءَ سان حاضري ڏيندو رهيس، الله پاڪ اهڙو تہ ڪرم فرمايو جو **جامعة المدينه** (ڪراچي) ۾ **درس نظاميءَ** جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. پنهنجي درجي ۾ نيڪ اعمال جو تنظيمي طور تي ذميدار آهيان ۽ تحديثِ نعمت طور تي عرض ڪيان ٿو تہ مون گنهگار تي الله پاڪ جو خاص انعام هي بہ ٿيو تہ **شاگردن جا جيڪي** 92 **نيڪ اعمال آهن انهن سيني تي عمل جي سعادت حاصل آهي**. سيني اسلامي ڀائرن کي استقامت جي دعاء جي مدني التجا آهي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

چھوٹ جائے گی فلموں ڈراموں کی لَت، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
خوش خدا ہو گا بن جائیگی آخِرت، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
(وسائلِ بخشش، ص 643)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (8) مسجد جو خطيب بڻائي ڇڏيو

**سعيد آباد** بلديه ٽاؤن ڪراچي(سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه هن طرح بيان آهي تہ مون اَلْحَمْدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ،

دعوتِ اسلاميءَ جي مدرسة **المدينه** ۾ ئي قرآن پاڪ جي تعليم حاصل ڪئي، پر افسوس جو پوءِ به پڪو نمازي نه بڻجي سگهيس. اَلْحَمْدُلِلّٰه! **دعوتِ اسلامي** جي **عاشقانِ رسول** سان گڏ جڏهن رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي اعتڪاف جي سعادت ملي ته دل تي گهرو اثر ٿيو، غفلت جي ننڊ ختم ٿي، حقيقي معنيٰ ۾ **اڪ ڳُلي ءِ** آءُ **نمازن جو پابند** ٿي ويس. اعتڪاف جي سبب **مدني قافلن** ۾ سفر جو ذهن بڻيو. آءُ بيروزگار هئس، جنهن ڏينهن **مدني قافلي** جي نِيَّت ڪيم اسان جي علائقي جي مُشاورت جي نگران فرمايو، اِن شَآءَالله توهان جو ڪم ٿي ويو. اَلْحَمْدُلِلّٰه! مدني قافلي جي برڪت هيئن ظاهر ٿي جو جنهن مسجد ۾ اسان جو **مدني قافلو** ويو، اتان جي انتظاميه کي مون گنهگار جو بيان ۽ دعا جو انداز وڻي ويو ۽ انهن مون کي ان مسجد جو خطيب بڻائي ڇڏيو ۽ ائين منهنجي روزگار جو به سبب بڻيو. الله پاڪ مون کي **دعوتِ اسلامي** جي ديني ماحول ۾ استقامت نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

تنگ دستی کا حل بھی نکل آئے گا    دینی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
روزگار اِنْ شَاءَ اللہ مل جائے گا    دینی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

(وسائلِ بخشش، ص 643)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (9) عمر غفلتن ۾ گذري رهي هئي

**موڊاسا** (گجرات، هند) جو هڪ ماڊرن نوجوان هو سندن عمر غفلتن ۾ گذري رهي هئي، گناهن جو سلسلو جاري هو، ايتري ۾ ڪرم ٿي ويو، ڪرم جو سبب هيئن ٿيو جو رمضان المبارڪ (سن1423ھ،2002ء) جي آخري ڏهاڪي ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي **عاشقانِ رسول** سان گڏ ڪيس **اجتماعي اعتكاف** ۾ ويهڻ نصيب ٿيو. عاشقانِ رسول جي بابرڪت صحبت جو ڇا چئجي! سنّتن ڀرئي بيانن ۽ رقت انگيز دعائن ۽ پُرڪيف نعتن جي فيضان سندس تقدير کي بدلائي ڇڏيو ۽ اهو مدني جذبو عطا ٿيو جو اعتكاف ۾ ئي ڪيس درس ۽ بيان ڪرڻ جي سعادت ملي ويئي! **ڏاڙهي مبارڪ ۽ عمامو شريف** سجائڻ جي نيّت ڪيائون. **عاشقانِ رسول** سان گڏ 30 ڏينهن جي **مدني قافلي** جو مسافر بڻجي ويو. جيئن تہ ڪافي باصلاحيت هئا تنهنڪري اسلامي ڀائرن متاثر ٿي ڪري ڪيس **اميرِ قافله** بڻائي ڇڏيو!

عاشقانِ رسول آؤدیں گے بیاں، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
دور ہوں گی عبادات کی خامیاں، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

(وسائلِ بخشش، ص 643)

## (10) اَلْحَمْدُلِله مان تهجد گذار بڻجي ويس

**سکر** (سنڌ) جي هڪ پيرسن اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي (**رمضان المبارڪ** سن1425ھ،2004ع) جي آخري ڏهاڪي ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي طرفان ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** ۾ شرڪت جي سعادت ملي. سکڻ سيکارڻ جي حلقن جو باقاعده شيڊيول نهيل هو. جن ۾ نماز جا احڪام ۽ روزمره جون سنّتون وغيره سکڻ لاءِ مليون، رُڳو ڏهن ڏينهن ۾ اهو ڪجهه سکيو جيڪو اڃان تائين زندگيءَ ۾ نہ سکي سگهيو هئس سنّتن ڀريا بيانات ٻُڌڻ ۽ **عاشقانِ رسول** جي صحبت جي برڪت سان آخرت جو فڪر نصيب ٿيو ۽ دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو. **دعوتِ اسلاميءَ** جي **نيڪ اعمال** تي عمل جو جذبو مليو. اَلْحَمْدُلِلّٰه! بئي "**نيڪ عمل**" تي بالخصوص مضبوطيءَ سان عمل ڪيم ۽ ان جي برڪت سان اَلْحَمْدُلِلّٰه! پنج ئي نمازون پهرين صف ۾ تڪبيرِ اوليٰ سان گڏ باجماعت ادا ڪرڻ جي عادت بڻائي ڇڏيم. اَلْحَمْدُلِلّٰه! تهجد تي بہ استقامت حاصل آهي. **نيڪ اعمال** جو رسالو هر مهيني پنهنجي ذميدار وٽ جمع ڪرائي ڇڏيندو آهيان. هفتيوار اجتماع ۾ بہ شروع کان آخر تائين شرڪت جي سعادت حاصل ڪندو آهيان.

با جماعت نمازوں کا جذبہ ملے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
دِل کا پژمردہ غُنچہ خوشی سے کِھلے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

(وسائلِ بخشش، ص 644)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (11) آقا! پنهنجو ديدار ڪرايو

**ڪاريان** (گجرات پنجاب، پاڪستان) جي **هڪ اسلامي ڀاءُ** جي بيان جو خلاصو آهي تہ مان عام نوجوانن جيان ماڊرن ۽ **فلمون ڊراما** ڏسڻ جو شوقين هيس. خوش نصيبيءَ سان رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ **اجتماعي اعتڪاف** ۾ ويهڻ جي سعادت ملي ويئي. **عاشقانِ رسول** جي صحبت جي بہ ڇا ڳالهہ آهي! مون زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو اهڙو ديني ماحول ڏٺو هو، دل ۾ جان سان **دعوتِ اسلاميءَ** جو شيدائي ٿي ويس، مونکي سرڪار صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ديدار جي ڏاڍي حسرت هئي **اعتڪاف** ۾ روزانو ديدار جي لاءِ دعا گهرندو هئس. **ستاويهين** رات اچي ويئي، اجتماع ذڪر ۽ نعت ٿيو، ذڪرالله ۾ مون تي بيخودي واري ڪيفيت طاري ٿي ويئي پوءِ جڏهن **رقت انگيز دعا** ٿي تہ مان اکيون بند ڪري روئي روئي ڪري بس اهو ئي دهرائي رهيو هئس،" آقا! پنهنجو ديدار ڪرايو!" اوچتو اکين ۾ تيز روشني چمڪي ۽ **هڪ نوراني چهري جي زيارت** ٿي ۽ مونکي يقين ٿي ويو تہ هي تہ **منهنجا آقا** صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهن! الله! الله! پوءِ چهرو مبارڪ نظرن کان غائب ٿي ويو. افسوس!

شربتِ دِيد نے اِک آگ لگائی دل میں — تپِش دل کو بڑھایا ہے بجھانے نہ دیا
اب کہاں جائے گا نقشہ ترا مرے دل سے — تہ میں رکھا ہے اِسے دل نے گُمانے نہ دیا

اَلْحَمْدُلِلّٰه! منهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿي چُڪو هو، مون گناهن کان توبهہ ڪئي، ڏاڙهي وڌائڻ شروع ڪيم ۽ عمامو شريف

سجائڻ جي نيّت بہ ڪيم. اَلْحَمْدُلِلّٰہ! عيد جي ڏينهن **عاشقانِ رسول** سان گڏ هتو هٿ ٽن ڏينهن جي **مدني قافلي** جو مسافر بڻجي ويس. ڪراچي حاضر ٿي ڪري **جامعة المدينه** ۾ **درسِ نظامي** ڪرڻ شروع ڪئي، روحاني **علاج** جو بہ ڪورس ڪيو ۽ **مجلس مکتوبات و تعويذاتِ عطاريه** جي طرف کان سونپيل ذميداري جي مطابق تعويذات جو بستو بہ لڳائيندو آهيان گڏوگڏ **جامعة المدينه** جي اندر پنهنجي درجي ۾ مدني قافله ذميدار بہ آهيان.

گر تمنّا ہے آقا کے دیدار کی، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
ہوگی میٹھی نظر تم پہ سرکار کی، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (12) ڪاميڊين مبلغ بڻجي ويو

**بالاسِنور** (گُجرات هند) جو هڪ نوجوان جيڪو ڪاميڊين (**يعني** مسخرو) هو. ابتا سبتا ٽوٽڪا ٻُڌائي ڪري ماڻهن کي کِلائڻ سندن مشغلو هو، شادين ۾ **ميميڪري فنڪشن** جي لاءِ ڪين **گهرايو** ويندو هو. **رمضان المبارڪ** جي آخري ڏهاڪي ۾ ڪيس **عاشقانِ رسول** سان گڏ **اجتماعي اعتڪاف** ۾ ويهڻ جي سعادت حاصل ٿي. تڏهن بہ ڪيس دولت ڪمائڻ ئي جي ڌُن هئي. اعتڪاف جي **ديني ماحول** ۾ آخرت بڻائڻ جو شوق پيدا ٿيو، گذريل گناهن کان تائب ٿي ڪري سنّتن جا مبلغ بڻجي ويا. پاڻ کي **دعوتِ اسلامي** جي لاءِ پيش ڪري ڇڏيائون، هي سٽون لکڻ تائين تنظيمي طور تي عاشقانِ رسول جي

ديني تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي هڪ **ڊويزنل مشاورت** جي نگران جي حيثيت سان **دعوتِ اسلامي** جي مدني ڪمن جون ڌومون مچائي رهيا آهن، دين جي لاءِ سندن قربانين جو حال هي آهي تہ ماهوار 25 ڏينهن مدني ڪمن جي لاءِ وقف آهن.

ان شاءَاللہ بھائی سُدھر جاؤ گے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
مرضِ عصیاں سے چھٹکارا تم پاؤ گے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# هفتيوار رسالو





978-969-722-618-4
01082471



فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net